# سالياني رپورٽ اپريل 2018 کان مارچ 2019 تائين

سنڌالاجي ٽرسٽ پنهنجو ڪاروبار اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ دواران هلائيندي آهي. سال ۾ ٿيل مشغولين جو مختصر بيان هن ريت آهي:

**لئبرري :**

هن سال اٽڪل 400 ڪتاب ۽ 25 مخزنن جا پرچا لئبرريءَ ۾ شامل ڪيا ويا. هن وقت لئبرريءَ ۾ سنڌي، هندي ۽ انگريزي اَٽڪل 20950 ڪتاب ۽ 1350 مخزنن جا پرچا موجود آهن. 1075 کان مٿي اڳوڻا اڻلڀ ڪتاب هٿ ڪري سنڀال سان رکيا ويا آهن.

ڪتابن کانسواءِ سنڌي راڳيندڙن جون 850 آڊيو ڪئسيٽون، 900 .ڊي.، وي. .ڊي. ۽ 150 سنڌي پروگرامن ۽ ناٽڪن جون ويڊيو ڪئسيٽون به لئبرريءَ ۾ موجود آهن .

هن سال نارايڻ ڀارتي، واسديو نرمل، ومي سدارنگاڻي، هري ميڙاڻي، پريتم ورياڻي، لال هرداساڻي ۽ مرليڌر جيٽلي وٽان ڪافي ڪتاب حاصل ٿيا .

**دستاويز ودياڳ :**

اڻلڀ ڪتاب سڪئن ڪري سرورق سميت هوبهو ساڳي حالت (3/5 ڪاپيون) ۾ ٺاهي محفوظ ڪري رکڻ جو ڪاريہ زور شور سان جاري آهي. ڪمپيوٽر تي سڪئن ٿيل هنن ڪتابن جون سي.ڊي. به تيار ڪري رکيل آهن، جئن ضرورت مطابق هنن ناياب پستڪن جون وڌيڪ ڪاپيون شايع ڪرائي سگهجن. هيلتائين 95 ڪتاب ٺاهي رکيا ويا آهن.

ساڳي طرح مرحوم مقبول اديبن جي جدا جدا مخزنن ۾ ڇڙوڇڙ ٿيل رچنائن کي سهيڙي وري ڪمپيوٽر تي چاڙهي ڪتابي صورت ۾ 3/5 ڪاپيون تيار ڪري محفوظ رکڻ واري يوجنا هيٺ 24 ڪتاب تيار ڪري رکيا ويا آهن.

ڪل ملائي 16 اديبن جي ڪارنرس لاءِ مواد آهستي آهستي گڏ ٿي رهيو آهي. واسطيدار اديبن متعلق مليل مواد، رچنائون، دستخط، چٽر، فوٽا وغيره سڀ سهيڙي سلسليوار رکيا پيا وڃن.

اَديبن جي رچنائن جا دستخط ۽ هُنن ڏانهن لکيل خط به گڏ ڪري رکيا پيا وڃن. 1200 کان مٿي سنڌي ناٽڪ سڪرپٽ بئنڪ ۾ ميسر ڪري رکيا ويا آهن. ڪي ڪي ناٽڪ ته 120 سالن کان به وڌيڪ عرصو اڳ جا لکيل آهن.

**سرسوتي ميوزيم ۽ آرٽ گئلري :**

**ميوزيم ۾ آرٽ گئلريءَ ۾ سٽيل جي فريمن ۾ لڳل بوردن تي اِگ گڏ ڪيل 1200 ڪان مٿي رنگين فوٽن ۾ ٻه هن سال اضافو آيو آهي. هي چِٽر، نقشا سنڌ جي جاگرافيءَ تواريخ ڪان سواءِ سنڌي سنسڪرتيءَ جي انيڪ پهلن تي ڀرپور روشني ٿا وجهن. سنڌي اَديبن ڪان سواءِ سنڌي ودوانن، سنتن، فلمي ستارن، سوتنترتا سنگرامين،ڪلاڪارن،فوجين،پارليامينٽ ميمبرن ۽ سرڪاري اُپاڌيون حاصل ڪيل مهان هستين جا گهڻيئي چِٽر موجود آهن. شاهه، سچل،سامي، شاهه جي سورمين ۽ جهوليلعل جي جيونيءَ جا ٻه انيڪ چٽر رکيا ويا آهن.**

**ميوزيم لاءِ گڏ ڪيل اٽلپ چيزون رکڻ لاءِ خاص شيشي جا ننديا 20 ڪٻٽ آهن. اندر بجلي ۽ ميوزڪ جو بندوبست رکيو ويو آهي.ميوزيم ۾ جنديءَ جو ڪم، ڪُٽ جا باسڻ، حمام دستو، ٻئراڳڻ، ڪي نج سنڌي سل، چمڙي ۽ پرٽ جي ڪم جا اِسم رکيا ويا آهن.**

**منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب :**

**منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب جو ستون سال سک سان مارچ 2018 تي پورو ٿيو.**

**ڪلب جاري ڪرڻ پنيان مقصد هو سنڌي ناٽڪ طرف ڪلاڪارن ۽ درشڪن جي رُچي وڌي، سنڌي ناٽڪ جي لکڻ ۽ منچ تي پيش ڪرڻ وقت آڌو آيل مسئلن ۽ اُنهنجي حل تي گڏجي سوچجي، ناٽڪ ڪلا سان واسطو رکندڙ ڄاڻوُ ماهرن ۽ ڪلاڪارن جا وقت بوقت ليڪچر رکيا وڃن، شهر ۾ رنگ منچ تي آيل ناٽڪن وند، اداڪاري ۽ هدايتڪاريءَ جي معيار تي ڪليل بحث ۽ صحتمند تنقيد ڪئي وَجي، ميمبرن اڳيان ريڊيو ۽ اِستيج ناٽڪ پيش ڪيا وڃن ۽ ٻال ڪلاڪارن ڪي همٿايو وڃي.**

**ڪلب جي ميمبرشپ جو ساليانو چندو وڏن لاءِ 200 رپيه ۽ سڪولي وديارٿين لاءِ صرف 50 رپيه رکيو ويو آهي. سال 2018 ۾ ڪلب جا ڪل 107 ميمبر هئا. جن مان 9 ِسڪولي وديارٿي هئا. گذريل 4 مهنن جي سرگرمين تي مٿاڇري نظر وجهڻ سان اچو ته ڏسون ته اَسان پنهنجي مقصد طرف ڪيتري قدر اڳتي وڌي سگهيا آهيون.**

**10 اَپريل 2018 آرتوار ڏينهن شام جو 6.30 بجي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ڪلب جي برک ٻال ڪلاڪار هني ڪلواڻيءَ جي ٽي.ويءَ تي ڏنل هندي ناٽڪن جي جهلڪ وڏي پردي تي ڏيکاري وئي.اِ نڪان سواءِ ڊي.ڊي. گرنار تي هن ڪان هني ٽندواڻيءَ جي ورتل ملاقات جي فلم ٻه ڏيکاري وئي. درشڪ هنءَ جي ٽي.وي. سيريل ۾ اعليٰ اَداڪاري ۽ ملاقات ۾ سندس جيون ۽ ڪاريه بابت ڏسي/ ٻڌي نهايت خوش ٿيا.**

**10 جون 2018 آرتوار ڏينهن ڪلب جي ٻال ڪلاڪارن طرفان ساليانو نرت ۽ ناٽڪ جو سنڌيت جي جذبي سان ڀرپور ڏيڊ ڪلاڪ جو پروگرام پيش ٿيو. شروعات ڪرشما ناواڻي ۽ يشوي ماٽڪاڻيءَ**

جي نرت سان ٿي. ’هل تہ پچي هلون‘ آئي آئي آئي، رُت مستاني....‘ 2 ٻال ناٽڪ پيش ٿيا، پهريون ڪمليشور جو هندي ناٽڪ هو ’دوستي‘. اداڪار هيون ٽيريسا چيتناڻي، سمرن ٽلواڻي، پرانجل واڌواڻي ۽ ٽوشا چيتناڻي. ناٽڪ جو ترجمان ۽ هدايتڪار هو صاحب بجاڻي.

مهما چيتناڻيءَ جي نرت هدايتڪاريءَ هيٺ ٻہ نرت جا ٻيا بہ اِسم پيش ٿيا. شوانگي سنگهہ ڀڳت ڪنوارام جي اَمر آواز ۾ لوليءَ تي نرت پيش ڪيو. سپنا رائسنگهاڻيءَ جي آواز ۾ ڳاتل گيت ’سانگي ساري، هنجون هري‘ تي مارئيءَ جو ڪردار نباهيندي نرت ڪيو ڪرشما تلوڪاڻيءَ.

پروگرام جي پڇاڙي ڪئي وئي صاحب بجاڻيءَ جي لکيل مذاقي ناٽڪ ’وڏي سس‘ سان. ناٽڪ سندس ئيهدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ڪاجل ٽلواڻي، موهت تلوڪاڻي ۽ ڪرسي چيتناڻيءَ. آخر ۾ اَنتاڪشريءَ ۾ سمرن ٽلواڻي ۽ ڪاجل ٽلواڻيءَ لاڏا، گيت ۽ ڪلام ڳائي محفل ۾ رونق آڻي ڇڏي. سيني ڪلاڪارن کي سوکڙيون عطا ڪري سندن سنمان بعد گڏجي پوڄڻ ورتايو ويو. پروگرام جي ڪارروائي هميشهہ جيان صاحب بجاڻيءَ هلائي.

آرتوار 29 2018 تي شام جو 7 بجي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ سرڳواسي دادا جشن واسواڻيءَ جي پوتر سمرتيءَ ۾ نرت، ناٽڪ ۽ سنگيت جو هڪ سنجيدو پروگرام ڪري کين ڀاوپنل شرڌانجلي ڏني وئي. ساڌو واسواڻيءَ جا ٻہ گيت، ’لطف سان پار اُڪارج او ٻيڙي وارا‘ ۽ ’بخش ميڏي .....‘ سپنا رائسنگهاڻيءَ ۽ سمرن ٽلواڻيءَ نهايت سوز مان ڳاتا. ساڌو واسواڻيءَ جي رچيل ٻن ’آ گولي تون ساجن سائين...‘ ۽ ’ڏينهن رات پنڌڙا ڪري...‘ تي نرت جا ٻہ اسم پيش ڪيا ڪرشما تلوڪاڻي، جيوتي ٽلواڻي، ٽيريسا چيتناڻي ۽ ٽوشا چيتناڻيءَ. آخر ۾ صاحب بجاڻيءَ جي لکيل ناٽڪ ’گرديو جي چرنن ۾‘ جي فلم ڏيکاري وئي. اَداڪار هئا: دادا جشن واسوڻيءَ جي ويس ۾ مهيش ڪلواڻي، ساڌوُ واسواڻيءَ جي ويس ۾ تلسي ٽاواڻي، ساڌو واسواڻيءَ جي ماتا جي ويس ۾ چمپا چيتناڻي ۽ ٻهارمل جي ويس ۾ مڪيش تلوڪاڻي. هدايتڪار هو مهيش ڪلواڻي. درشڪ هيءُ سنجيدو ۽ سانتيڪو پروگرام ڏسي نهايت خوش ٿيا.

**جيولي تيجواڻيءَ سان ملاقات:**

9 آگسٽ 2018ورهسپت ڏينهن ممبئيءَ مان آيل برک اِسٽيج اَداڪار، هدايتڪار ۽ دبنگ آرٽسٽ ڪماري جيولي تيجواڻيءَ سان اَيشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ گڏجاڻي رکي وئي. اريل ۽ مصري پيٽا ڪرڻ بعد صاحب بجاڻيءَ مختصر ۾ سندس واقفيت ڏني.

جيوليءَ پنهنجي ناٽڪي ۽ فلمي اَٽانگي سفر جو تفصيلوار ذڪر ڪندي پنهنجا آزمودا ٻڌايا. پنهنجو لکيل ناٽڪ ريڊيائي اَنداز ۾ صادق جذبي سان پڙهي درشڪن کي متاثر ڪري ڇڏيو. ڪلب طرفان لکمي ڪلاٽيءَ جي هٿان شيلڊ بہ عطا ڪئي وئي.

اِن ئي موقعي تي سنڌي ساهتيہ اَڪادمي (گجرات راجيہ)طرفان گَورو  پرسڪار حاصل ڪيل نوجوان سنڌي ساهتڪارن مڪيش تلوڪاڻي، ڀارتي سدارنگاڻي ۽ چمپا چيتناڻيءَ جو جيوليءَ هٿان شال پهرائي سواگت ڪيو ويو.

**جيا اَنندا ڻيءَ سان ملاقات:**

14 آڪٽوبر آرتوار ڏينهن شام جو 6.30 بجي اَيشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ڀارت ناٽيم جي برک نرتڪار جيا اَننداڻيءَ سان ملاقات ڪئي وئي. جيا اَننداڻيءَ کي ناريل ۽ مصري ڏئي لکمي ڪلاڻيءَ هٿان سندس سواگت ڪرايو ويو. صاحب بجاڻيءَ سندس واقفيت ڏيندي ٻڌايو تہ ننڍپڻ کان نرت سکندي ۽ ڪندي هن ڀارت ناٽيم جو 2008 ۾ ڪاميابيءَ سان آرنگيترل بہ ڪيو آهي.

جيا نهايت دلچسپ نموني ڀارت ناٽيم جي ڄاڻ ڏني. هن وستار سان اکين،ڪنڌ ۽ هٿ جون مدرائون درشڪن اَڳيان عملي طرح ڪري ڏيکاريندي ڪين عجب ۾ وجهي متاثر ڪري ڇڏيو ھو۽ شانتي سان ٻڌندا رهيا. موج ماڻيندا رهيا. عليل طبيعت جي باوجود هن ويني ئي ماسٽر چندر جي گيت 'وڄ وڄ ڙي گهڙا' تي نهايت روانيءَ سان آڱرين ۽ ڇهري جي ڦيرگهير وسيلي درشڪن کي ورور تاڙيون وڄائڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. هن ڀچندڙن جي سوالن جا مؤزون جواب بہ ڏنا.

**سيتا سنڌو۽ ڀون ۾ ٻال ڪلاڪار:**

11 نومبر آرتوار ڏينهن ۾ ڪلب جي ٻال ڪلاڪارن سيتا سنڌو۽ ڀون ممبيءَ ۾ نرت ناٽڪ ۽ سنگيت جو دلچسپ پروگرام ڏئي درشڪن کي ڪافي متاثر ڪيو.

**اَمبر پورٽيڪو ۾ ٻال ڪلاڪار:**

25 نومبر تي هوٽل اَمبر پورٽيڪو ۾ م.م. ڪلب جي ٻال ڪلاڪارن نرت، ناٽڪ ۽ سنگيت جو دلڪش پروگرام ڏنو.

**ڇو نہ سڏايان سنڌي:**

**3** فبروري آرتوار ڏينهن ڪلب جي ميٽنگ ۾ گذريل 24 جنوريءَ تي پريو درشن هال ۾ ٿيل نرت ناٽڪا 'ڇو نہ سڏايان سنڌي' جون ڪجھ جهلڪون وري اَيشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ڪلاڪارن ڪري ڏيکاريون.

**هوليءَ جو مذاقي پروگرام :**

24 مارچ آرتوار ڏينهن هوليءَ جي سلسلي ۾ نهايت مذاقي گيتن،نرت،چهچٽن ۽ ناٽڪ جي پروگرام ۾ ڪل چرچو هو، اَهل ۾ نقل هو، ناٽڪ 'رنڊٽي ۾ رولو' هو تہ ڇهر ٻهر بہ هئي. سنڌالاجيءَ جي ڇت تي ڪليل ڪشادي آڪاش هيٺ نهايت مدهوش ڪندڙ ماحول ۾ درشڪ پروگرام ڏسندا رهيا. ڏيندا رهيا. تاڙيون وڄائي ڪلاڪارن کي داد ڏيندا رهيا. آخر ۾ سيني گڏجي ڀوڄن ورتايو.

**ساڌو هيرانند نولراءِ اڪادمي**

**پرسنلٽي ڊيولپمينٽ ڪورس**

III ڪان VII درجي جي شاگردن لاءِ SHNA اَڪادمي اسڪول (سنڌالاجيءَ طرفان هلندڙ) پاران شخصي وڪاس لاءِ ڪورس 16.4.2018 ڪان 30.4.2018 تائين هلايو ويو.

**بورڊ اِ متحان جا نتيجا 2018-2019 :**

گجرات سيڪنڊري بورڊ جو نتيجو 28 2018 ۽ 31 2018 تي هاير سيڪنڊريءَ جو نتيجو ظاهر ٿيو، جنهن ۾ SHNاَڪادميءَ جا نتيجا بورڊ جي ڪُل نتيجن جي حساب سان ڪافي اڻرائتا رهيا.

| ڪلاس | شامل ٿيل شاگرد | پاس | | پاس |
|---|---|---|---|---|
| X | 36 | 27 | 09 | 75% |
| XII | 22 | 12 | 10 | 55% |

**اَهم سرگرميون**

سڪول طرفان وقت بوقت شهر ۾ ٿيندڙ چٽاپيٽين ۽ سرگرمين ۾ ڀاڱ ورتو ويندو آهي. جهڙوڪ مضمون چٽاپيٽي، وادوواد چٽاپيٽي، اِنٽر سڪول نرت چٽاپيٽي، ڪرڪيٽ ۽ ڪٻٽي ٽورناميٽ، گانڌيڌام دوس تي لوڪ نرت چٽاپيٽي سانسڪرتڪ ڪاريہ ڪرمن ۾ بہ سڪول جي وديارٿين سرگرم ڀاڱ ورتو .

**هن سال سڪول ۾ هيٺيان ڏينهن ملهايا ويا.**

ماتا پتا ڏينهن (28 فبروري)، نيرو ڏينهن (5 سپٽمبر)، رڪشا بنڌن (25 آگسٽ)، آزادي ڏينهن (14 ۽ 15 آگسٽ)، جنماشٽمي ۽ شڪشڪ ڏينهن (5 سپٽمبر)، گانڌي جنم ڏينهن (2 آڪٽوبر)، ميوا ڏينهن (8 ڊسمبر)، ٻال ڏينهن (14 نومبر)، ناتال (24 ڊسمبر)، اُترائڻ (11 جنوري)، هيمون ڪالاڻي ڏينهن (21 جنوري)، نوراترا (9 آڪٽوبر)، ڏياري (3 نومبر).

**اَنڪانسواءِ :**

1. برک حسابدان ا ِ مانوجن جي جنم ڏينهن جي سلسلي ۾ 22 ڊسمبر 2018 تي شاگردن لاءِ سوال جواب چٽاپيٽي رکي وئي.
2. 29-25 جون 2018 ’بچاءُ هفتو‘ ملهايو ويو. قدرتي آفتن کان بچاءُ لاءِ جدا جدا ڏينهن شاگردن کي جدا جدا اُپاءُ ٻڌايا ويا.
3. سکول جي شاگردن کي گانڌي سماڌي، هاليڊي ريزورٽ، مندرا اَداني پورٽ، گورڌن پروٽ ۽ الڊورادو اميوزمينٽ پارڪ (راجڪوٽ) ڏاينهن پکنڪ لاءِ موڪليو ويو.

**سرگرميون :**

**– سنڌيت ڏينهن**

چيٽي چنڊ پروگرام جي سلسلي ۾ هميشه جيان هيءُ ڏڻ ٻه ڏينهن، 31 مارچ ۽ 1 اَپريل تي اُتساهه ۽ اُمنگ سان ملهايو ويو.

ٻئين ڏينهن 1 اَپريل 2018 آرتوار ڏينهن موسيقيءَ جي محفل ۾ لاڏا، لوليون،ڪافيون،ڪلام ۽ جهولڻ جا گيت، دوگانا ڳائي سنڌي سنگيت جي ينتا پيش ڪئي وئي. مکاني ڪلاڪار هئا: سمرن ٽلواڻي، گهنشيامداس بجاج، ڪاجل ٽلواڻي، سشما رائسنگهاڻي ، نيلم ياڳچنداڻي ، پايل ڪرمچنداڻي ، مڪيش تلوڪاڻي ،ڪاجل چايا ۽ سپنا رائسنگهاڻي. آخر ۾ جهوليلعل جي گيتن تي ناچ بعد سيني ڪلاڪارن جو سنمان ڪيو ويو ۽ سيني گڏجي ڀوڄن ورتايو.

**مائونٽ لٽرا ِ سکول جا شاگرد:**

16 اَپريل 2018 سومر ڏينهن صبح جو 11بجي مائونٽ لٽرا هاءِ ا ِ سکول جا 150 ٻار سنڌالاجيءَ جو ڪاريه ڏسڻ آيا. کين ۽ سندن ماسترياڻين کي سنڌي سنسڪرتي ۽ ڀاشا متعلق ڪافي ڄاڻ ڏني وئي. هو سنڌالاجيءَ جي شاهي لئبرري، ميوزيم ۽ چترشالا کان سواءِ ٻيو عملي ڪاريه ڏسي نهايت خوش ٿيا.

**ٿيءُ نه جدا جاني:**

6 2018 تي مهني جي ڀهرئين آرتوار تي صوفياڻي چونڪيءَ بدران برک نرتڪار اَنيلا سندر جي نرت ناٽڪا ’ٿيءُ نه جدا جاني‘ جي وڏي پردي تي فلم ڏيکاري وئي.

**گرديو جي چرنن ۾:**

آرتوار 27 2018 تي سنڌوپون- آديپور ۾ دادا جشن واسواڻيءَ جي شتابدي جنم اُتسو جي سلسلي ۾ ٽيندڙ نرت، ناٽڪ ۽ سنگيت جي پروگرام ۾ سنڌالاجيءَ نيند سويڪاري صاحب بجاڻيءَ جو دادا جي

جيون تي لکيل ناٽڪ ’گرديو جي چرنن ۾‘ مهيش ڪلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو. اَداڪار هئا: مهيش ڪلواڻي، تلسي ٽاواڻي، چمپا چيتناڻي ۽ مڪيش تلوڪاڻي.

سرگرميو ُن :-

:

18 آگسٽ چنچر ڏينهن شام جو سنڌالاجيءَ ۾ ٽرسٽ جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيئرمئن ڊاڪٽر رام بخشاڻي دُبئيءَ مان، شري لعل هرداساڻي هانگ ڪانگ مان ۽ چندر منگھناڻي ممبئيءَ مان اَچي سهڙيا هئا. ميٽنگ ۾ سنڌالاجيءَ جي واڌاري لاءِ ڪي اهم عملي فيصلا يڪراءِ ڪيا ويا.

جنماش :-

3 سيپٽمبر تي جنماشٽمي هئي اِ نڪري 2 تاريخ ٽنڊڙيءَ جي آرتوار ڏينهن شام جو ½ 6 بجي سنڌالاجي جي آڱڻ ۾ صوفاڻي چوءِنڪيءَ ۾ مڪاني ڪلاڪارن سنڌي ۽ هنديءَ ۾ صرف ڪرشن ڀڳتي گيت، ڀڄن ۽ شبد ڳائي درشڪن کي ڪنهن الوڪڪ سنسار ۾ پهچائي ڇڏيو. ڪلاڪار هئا. گھنشامداس بجاج، سمرن ٽلواڻي، ڪاجل ٽلواڻي، نيتا لعلواڻي، مڪيش تلوڪاڻي، سشما ۽ سپنا رائسنگھاڻي.

’شخص ۽ رچنا‘ ۾ وشني اَيسراڻي:-

22 سيپٽمبر شام جو ½6 بجي مرڪزي ساهت اَڪاڊميءَ جي سهڪار سان سنڌالاجيءَ جي اَيشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ’شخص ۽ رچنا‘ پروگرام ٿيو. هن پروگرام ۾ مشهور مڪاني گائڪا شريمتي وشني ايسراڻيءَ ساهتيہ اَڪادمي انعام يافتہ برک ڪهاڻيڪار ۽ شاعره مرحوم اِندرا واسواڻيءَ جي جيون، شخصيت تي ڀرپور روشني وجهندي سندس ساهتيہ، خاص ڪري سندس ڪهاڻين تي تفصيلوار ۽ وچو ُروار ڳالهائيو. ممبئيءَ مان پروگرام لاءِ خاص آيل نمائندي، پروگرام آفيسر شري اوم پرڪاش ناگر آخر ۾ سڀني جا شڪرانا مڃيا.

اُف! ڪمليش مورجاڻي:

سنڌالاجيءَ جي خواهہ صلاحڪار ۽ شري مورجاڻيءَ

28 سيپٽمبر تي ديهانت سبب سنڌالاجيءَ ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي. 29 سيپٽمبر صبح ½10 بجي سنڌالاجيءَ ۾ سڏايل شوڪ سڀا ۾ ڊائريڪٽر شري ڪمل نهالاڻيءَ ۽ لکمي ڪلاڻيءَ ڪيس ڀاوينل شرڌانجلي ڏني. آخر ۾ سڀني اٿي بيهي مون ورت ڌاري سرڳواسيءَ جي آتما جي شانتيءَ لاءِ پرارٿنا ڪئي.

ڪمل نهالاڻيءَ جي ودائي :

2016 کان مقرر ٿيل سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر شري ڪمل نهالاڻيءَ کي سندس مدو پورو ٿيڻ تي سنڌالاجيءَ ۾ 29 سپٽمبر تي ودائي پارٽي ڏني وئي.

**ٻه ناٽڪ:**

7 آڪٽوبر تي شام جو 7 بجي اَيشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ٻه ناٽڪ پيش ڪيا ويا. پهريون سنجيدو ناٽڪ 'ڪاريهر' شري لکمي کلاڻيءَ جو لکيل، مهيش ڪلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ڏيکاريو ويو. اَداڪار هئا: جيسون چيتناڻي، ڪومل ديالاڻي، مهيش ڪلواڻي، سنگيتا ڪلواڻي ۽ تلسي ٿاواڻي.ٻيون ناٽڪ نهايت کلائي کلائي درشڪن جي پيٽ ۾ سوُر وجهڻ وارو هو. راج ڏاسواڻي جي لکيل ناٽڪ 'مهماني' جا اَداڪار هئا چمپا چيتناڻي، مڪيش تلوڪاڻي، راجيو پاوناڻي ۽ مهيش ڪلواڻي. هدايتڪار هو مهيش ڪلواڻي، پروگرام جي ڪاروائي هلائيندي صاحب بجاڻيءَ 150 کان مٿي حاضرين کي ٻڌايو تہ سنڌالاجي هرسال 6 ايڪانڪي ۽ 4-3 ٻال ناٽڪ پيش ڪري، سنڌي رنگ منچ ۾ جان ڦوڪڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي.

**صاحب بجاڻي نئون ڊائريڪٽر:**

16آڪٽوبر تي اِسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ شري لکمي کلاڻيءَ جي صدارت هيٺ ٿي. اُن ۾ صاحب بجاڻيءَ کي يڪراءِ سنڌالاجي جو نئون ڊائريڪٽر ٺاهيو ويو. شال پهرائي کيس ڊائريڪٽر جي ڪرسيءَ تي وهاريو ويوسڀني کيس دلي مبارڪوُن ڏنيون. صاحب بجاڻيءَ چيو تہ اُميد اَٿم تہ اوهان سڀني جي ساٿ سهڪار سان سنڌالاجي ترقي ڪري اڳتي وڌندي رهندي.

**سيتا سنڌوُ يون ۾ سنڌالاجي:**

11نومبر 2018آرتوار ڏينهن سيتا سنڌوُ يون ممبئيءَ مان شوڀا لعلچنداڻيءَ جي نينڊ تي سنڌالاجيءَ طرفان 9 ٻال ڪلاڪارن شري مهيش ڪلواڻيءَ جي نگرانيءَ هيٺ ناٽڪ، نرت ۽ سنگيت جو نهايت دلچسپ پروگرام پيش ڪيو.

پروگرام ۾ صاحب بجاڻيءَ جا لکيل ٻہ ٻال ناٽڪ 'مُنهنجي منڙي اَمڙي' سندس ئي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ٿيا. سائين ڪنوررام جي لوليءَ ۽ مارئيءَ تي نرت ڪانسواءِ سنڌي گيتن، لاڏن، ڪلامن ۽ ڪافين جي انتاڪشريءَ چڱو رنگ لاتو. کچا کچ ڀريل هال ۾ درشڪن ورور تاڙيون وڄائي هنن ٻال ڪلاڪار کي دل سان داد پئي ڏنو.

**ليلاشاھ ڪٽيلني اِسٽال:**

18,17 ۽ 19 نومبر تي آديپور ۾ سوامي ليلاشاه جي ورسيءَ جو ميلو لڳو. ميلي ۾ هميشه جيان ساموهڪ شاديون ٿيون، جٺيا پاتا ويا.هميشه جيان سنڌالاجيءَ طرفان اِ سٽال کوليو ويو. ميلي ۾ سنڌي ڪتاب، آڊيو ويڊيو سيڊيون، سنڌ جا نقشا، سنڌي سکڻ جا ڪتاب، ۽ ڊڪشنريون بہ رکيون ويون. ميلي تي آيل ماڻهن ڪافي چاھ ڏيکاريو. ڪين سنڌي ساهت، سنگيت ۽ سنسڪرتيءَ جي ڪافي ڄاڻ . ڪافي وڪرو بہ ٿيو.

**سنڌي ساهتڪ ۽ ثقافتي ورثي جو بچاءُ ۽ ڦهلاءُ:**

25 ۽ 26 نومبر تي مرڪزي ساهت اَڪادميءَ جي سهڪار سان سنڌالاجيءَ ۾ سنڌي ساهتڪ ۽ ثقافقي ورثي جو بچاءُ ۽ ڦهلاءُ تي سيمينار ٿيو. مهورتي اَجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ساهت اَڪادميءَ جو سيڪريٽري شرينواس راو خاص دهليءَ مان اَچي سهڙيو ۽ سواگتي تقرير ۾ سنڌالاجيءَ جي ڪاريہ ڪي ساراهيائين ۽ همٿايائين. ڊاڪٽر روهڙا مهورتي تقرير ۽ نامديو تاراچنداڻيءَ جي ڪي.نوٽ اَڊرر بعد ساهت اَڪادميءَ جي ريجنل سيڪريٽري شري ڪرشنا ڪمباهوني سيني جا ٿورا مڃيا.

سيمينار ۾ اَحمدآباد، بڙودي، ناگپور، پوني،ممبئي ۽ دهليءَ مان آيل توڙي مڪاني ودوانن پنهنجا گنڀير مقالا پڙهيا. ميڊيا، فلمن، ڊجيٽل طريقن توڙي لئبررين معرفت پنهنجو ساهتڪ ۽ سانسڪرتڪورٿو ڪيئن سنڀالجي، ڦهلائجي ۽ وڌائجي، اِ نتي ڪافي بحث مباحثو بہ ٿيو. جدا جدا ڪل 6 اَجلاس ٿيا، ڪن جا صدر هئا. لڪمي ڪلاڻي ، موهن گيهاڻي، واسديو موهي، نامديو تاراچنداڻي، صاحب بجاڻي، ڄينو لعلواڻي ۽ ونيتا سبناڻي. شري ڪرشنا ڪمباهوتي جي غيرحاضريءَ ۾ سنڌي ساهت اَڪادمي صلاحڪار منڊل جي ميمبر شري مهيش ڪلواڻيءَ سيني جي شڪراَدائي ڪئي.

**سيدرا آنند – جهوليلعل تيرٿ ڌام:**

25 نومبر تي ئي سيمينار ۾ بهرو وٺڻ لاءِ آيل جهوليلعل تيرٿ ڌام جي مئنيجنگ ٽرسٽي شريمتي سيدرا آنند جو هوٽل 'سروور اَمبر' ۾ پاشڻ رکيو ويو. سيدرا نهايت وستار سان نارايڻ سروور ۾ ٺهي راس ٿيندڙ جهوليلعل تيرٿ ڌام متعلق ڄاڻ ڏيندي ويڊيو تي تصويرون بہ ڏيکاريون.

موقعي جو فائدو وٺي ٻاهران آيل ودوانن ۽ مڪاني درشڪن جي آجيان ۾ منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب جي ننيڙن ٻارن هڪ مختصر پرنهايت سهڻو دلچسپ نرت، ناٽڪ ۽ سنگيت جو پروگرام . صاحب بجاڻيءِ جي نگراني هيٺ ٻارن خوب پاڻ ملهايو. پروگرام هلندي توڙي اُڪانپوءِ درشڪ ٻارن ۽ صاحب بجاڻيءَ ڪي داد ۽ مبارڪون ڏيندا رهيا.

**ساڌوُ واسواڻي پونا جا ٻانيڪار سنڌالاجيءَ ۾**

8 ڊسمبر تي صبح جو ساڌو واسواڻي مشن پونا جا 2 ڪاريہ ڪرتا شري راجيش آئيداساڻي ۽ ڊاڪٽر منجوُ نچناڻي سنڌالاجيءَ ۾ آيا. صاحب بجاڻيءَ سان ڪلاڪ - ڏيڍ ساڌو واساڻي مشن ۽ سنڌالاجيءَ متعلق ويچارن جي ڏيوٽ بعد هنن سنڌالاجيءَ جي شاهي لئبرري، چتر شالا شوق سان ڏٺي. سنڌالاجيءَ جو ڪيل ڪاريہ ڏسي نهايت خوش ٿيا. چيائون- ديش پرڇ سنڌي سنسڪرتيءَ جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ ۾ سنڌالاجيءَ جو يوگدان ساراهڻ جوڳو آهي. هو پاڻسان ساڌو واسوڻي مشن طرفان ڇپيل ڪيترا اَملهہ ڪتاب ۽ گرنٿ سوکڙيءَ طور ڏيئي ويا.

**گرونانڪ جنم ڏينهن-**

گرونانڪ صاحب جي جنم ڏينهن جي سلسلي ۾ 9 ڊسمبر آرتوار ڏينهن سنڌالاجي ۾ خاص پروگرام رکيو ويو. مڪاني گايڪ ڪلاڪارن سمرن ٿلواڻي، گهنيشامداس بجاج، ڪاجل ٿلواڻي،نيتا لعلواڻي، سيما يمياڻي ۽ مڪيش تلوڪاڻيءَ گرواڻي ۽ گروجن تي ڪيئي سنڌي شبد سڪ ۽ شرڌا سان ڳائي ٻڌايا. آخر ۾ لنگر ۾ سيني گڏجي پوڄن ورتايو.

**ٽرسٽ جي ساليانِي ميٽنگ-**

سنڌالاجيءَ جي بورڊ آف ٽرسٽيز جي ساليانِي ميٽنگ 19 ڊسمبر 2018 تي صبح جو 11.30 بجي ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ جي صدارت هيٺ سڏائي وئي. ڊاڪٽر منوهر گانڌاڻي ۽ شري موهن لعل رامچنداڻي ميٽنگ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا. گذر 18 آگسٽ تي ٿيل ميٽنگ جا منٽس پڙهي بحال ڪيا ويا.

ٽرسٽ جي ساليانِي رپورٽ بحال ڪئي وئي. آڊٽيڊ اَڪائونٽس وقت سر نہ ملڻ سبب شري اَشوڪ درياڻيءَ اُپت ۽ خرچ جا تفصيل ٻڌايا.هي اَڪائونٽس بحال ڪندي اِ هو فيصلو ٿيو تہ اَڪائونٽس پاس ٿيڻ شرط سيني ٽرسٽين کي اُنجي ڪاپي موڪلي وڃي. ساليانِي بجيٽ بحال ڪرڻ بعد ميٽنگ چيئرمئن صاحب جي شڪرگذاري مڃڻ بعد پوري ٿي.

**ٽرسٽ جي جنرل باڊي ميٽنگ.**

چيئرمئن ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ جي صدارت هيٺ سنڌالاجي ٽرسٽ جي ساليانِي جنرل باڊي 19 ڊسمبر تي شام جو 5 بجي سنڌالاجيءَ جي سينٽرل هال ۾ سڏائي وئي. 51 ميمبر حاصل رهيا. گذريل سال 19 ڊسمبر تي ٿيل ميٽنگ جا منٽس پڙهي بحال ڪيا ويا. ساليانِي رپورٽ صاحب بجاڻيءَ پڙهي ٻڌائي. اَها بہ بحال ڪئي وئي. اَڪائونٽس وقت سر آڊٽ ٿي نہ ملڻ سبب اَشوڪ درياڻيءَ مختصر اُپت ۽ خرچ جي وچور ڏنياَشوڪ درياڻيءَ ساڌوُ هيرانند نولراءِ ائڪيڊميءَ جي رپورٽ ڏيندي چيو تہ سڪول جي ڪاروبار ۾ ڪي ڪميون هئڻ جي باوجود اُميد تہ سڪول وري اوج تي رسندو.

**شاستريہ سنگيت جو پروگرام -**

مشهور شاستريہ سنگيت گايڪ ڪلاڪارشري مذوڪر واڏواڻيءَ جو 30 ڊسمبر تي سنڌالاجيءَ جي اَيشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ پروگرام رکيو ويو. هن ماهر ڪلاڪار جي منهن مان ٻين ٻين راڳ راڳڻين سريلي ۽ انوکي اَنداز ۾ سرگم ۽ پلٽن سميت نکري ٻڌندڙن کي ڪنهن اَلوڪڪ سنسار ۾ پهچائي ڇڏيو. 125 ڪان مٿي نہ ٻڌندڙ پاڻ وساري سندس ميٺاج ڀري موسيقيءَ جو مزو ماڻيندا رهيا. آخر ۾ سيني گڏجي ڀوڄن ورتايو.

**ايان سنڌي -**

24 جنوري 2019 ورهسپت ڏينهن شام جو 00-7 کان 00-9 بجي تائين پريو درشن هال ۾ سنڌيت جو جزبو جاڳائيندڙ صاحب بجاڻيءَ جي لکيل نرت ناٽڪا، مهيش ڪلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪئي وئي.ا ِ ستيج تي آيل 20 اَداڪارن درشڪن کي وقتي ڪلائي وقتي روئاري پئي ڇڏيو . درشڪ پاڻ وساري چپ چاپ سنڌي نرت، ناٽڪ ۽ موسيقي جو مزو ماڻيندا رهيا. سنڌي سنسڪرتيءَ جون ٻين ٻين جهلڪون پسندي پاڻکي سنڌي سمجهڻ/سڏائڻ تي فخر محسوس ڪندا رهيا. شروعات کان آخر تائين درشڪ هڪ ڪن لاءِ اُٿيا ڪونہ، لڳاتار پروگرام و ۾ تاڙيون وڄائڻ جو بہ ڪين موقعو نہ مليو. پروگرام بعد هو ڪلاڪارن کي گهيري ويا. ڪين آفرين ڏيندا رهيا.

**انڪاسواءِ-صوفياڻي چو ُنڪي**

سنڌالاجيءَ ۾ هرمهني جي پهرئين آرتوار تي صوفياڻي چو ُنڪيءَ تي مڪاني توڙي وقتي ڪي ٻاهران آيل گايڪ ڪلاڪار سنڌي گيتن، ڪلامن ۽ ڪافين جي مو ُج مچائيندا آهن .

**سرتيون**

هر مهني جي پهرين منگل تي سرتين جي گڏجاڻي رکي ويندي آهي. جنهن ۾ سيني ڀينرن کي اچڻ جي نينڊ هوندي آهيهن گڏجاڻيءَ ۾ سماجڪ مسئلن ۽ ڪ ُريتيہ ُن تي بحث مباحثو ٿيندو آهي. اَڪثر ڪارگر اُپاءَ پاڻ سان لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. مانسڪ شڪتي، يوگ، ڌيان تي بہ زور ڏنو ويندو آهي. ماحول کي صاف رکڻ ۽ پاڻيءَ جي بچت تي سيني اهوا ِ رادو ڏيکاريو آهي تہ ٻنهي ڳالهين جو خاص ڌيان رکيو ويندو.

هر سال سرتيون پنهنجي گروپ ۾ جمع ٿيل رقم گهرجائو اسڪولي ٻارن لاءِ ڏينديون آهن.